سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# سُنت جي مطابق
# لباس پائڻ

14 مئی، 2026ء



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **سُنت جي مطابق لباس پائڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **نئون لباس پائڻ وقت جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْکَرِیْم!

## سُنت جي مطابق لباس پائڻ

### دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ بخشش آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ عمل نمبر 25

پيارا اسلامي ڀائرو! پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه طرحين طرحين جي ناجائز فيشنن کان پيڇو ڇڏائڻ، گناهن کان بچڻ ۽ سنتن مطابق زندگي گذارڻ لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ طلباء وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ نيڪ عملن جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اڄ اسان 72 نيڪ عملن جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 25 جي باري ۾ سکنداسين.

---

1...تاريخ مدينة دمشق،جلد:61،صفحه:381۔

**نيڪ عمل نمبر 25:** چا اڄ توهان سُنت جي مطابق لباس پاتو...؟

## لباس ڇاکي چئبو آهي؟

جيڪو ڪجھ پاتو وڃي مثال طور قميص، عمامو، ٽوپي، چادر وغيره اُن کي لباس چئبو آهي.[1]

**سُنت جي مطابق لباس:** سُنّت جي مطابق لباس ۾ هي شيون شامل آهن: ۞ عمامو ۞ قميص ۞ تهبند ۞ جوتا.[2]

**وضاحت:** عمامو شريف گهٽ ۾ گهٽ اڍائي گز ۽ وڌ ۾ وڌ 6 گز هجڻ سنت آهي.[3] ۽ ان جي هيٺان سربند ٻڌڻ بہ سنت آهي. ۞ قميص جي دامن جي ڊيگهہ اڌ پِنيءَ تائين، ٻانهن جي ڊيگهہ وڌ ۾ وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ وِست (بالشت) سنت آهي.[4] ۞ تهبند ٻڌڻ سنت آهي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تهبند دن کان مٿان ونـي پيڊين کان مٿي هوندو هو.[5] ۞ شلوار جيتوڻيڪ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ زيبِ تن نہ فرمائي، پر پائڻ وارن جي تعريف فرمائي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کان ان جو خريدڻ بہ ثابت آهي.[6] ۞ جُوتا پائڻ سنت آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جُوتا ڪثرت سان استعمال ڪريو جو ماڻهو جيستائين جُوتا پاتل هوندو آهي ڄڻ تہ سوار رهندو آهي يعني گهٽ ٿڪبو آهي.[7]

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ؕ وَلِبَاسُ

---

1 مرآۃ المناجيح ،کتاب الباس ،جلد:6،صفحہ:91،ملخصًا۔
2 تفسيرنعيمی ،پارہ:8،سورۂ اعراف ،تحت آيت :26،جلد:8،صفحہ:405۔
3 فتاوی رضويہ ،جلد:22،صفحہ:186۔
4 بہار شريعت ،جلد:3،صفحہ:409۔
5 کشف الالتباس فی استحباب اللباس ،صفحہ:45،جمعيت اشاعت اہلسنت کراچی ۔
6 فتاوی رضويہ جلد:22،صفحہ:193۔
7 مسلم،کتاب اللباس، باب إستحباب لبس النعال...إلخ، صفحہ:835،حديث: 2096۔

التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۲۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي آدم جي اولاد! بيشڪ اسان توهان جي طرف هڪ لباس اهو نازل ڪيو جيڪو توهان جي اوگهڙ کي ڍڪي ٿو ۽ (هڪ لباس اهو جيڪو) زيب و زينت آهي ۽ پرهيزگاريءَ جو لباس سڀ کان بهتر آهي. هي الله جي نشانين مان آهي تہ جيئن اهي نصيحت حاصل ڪن. (پاره:8،الاعراف :26)

هن آيتِ سڳوريءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي: الله پاڪ انسان کي ٽن قسمن جا لباس عطا فرمايا آهن. (1): اهڙو لباس جنهن سان ستر (لڪائڻ وارو حصو) ڍڪي سگهجي. (2): اهڙو لباس جيڪو زينت ۽ سونهن لاءِ پهريو وڃي، مثال طور: صاف سٿرا ۽ باوقار ڪپڙا پائڻ. (3): تقويٰ جو لباس يعني ايمان ۽ اَعمالِ صالِحه جو لباس، ۽ هي لباس سيني کان وڌيڪ افضل آهي.[1]

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اڇو لباس پايو. ڇوتہ هي زياده صاف ۽ پاڪيزه آهي ۽ پنهنجي مُردن کي بہ انهي جو ڪفن ڏيو.[2]

## لباس جي مُتعلق احڪام

(1) ايترو لباس پائڻ جنهن سان ستر (مرد لاءِ دُن کان وني گوڏن تائين) ڍڪجي وڃي ۽ سردي گرمي جي تڪليف کان بچي سگهجي فرض آهي.[3] تنهنڪري اهڙي نيڪر (Shorts) وغيره پائڻ جنهن سان گوڏا يا ران وغيره کُليل رهن جيئن اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو پائيندا آهن، اهو حرام آهي (2) الله پاڪ جي نعمت جي اظهار لاءِ عمدو ۽ باوقار لباس پائڻ مستحب آهي.[4] (3) تڪبر جي طور تي جيڪو لباس پائجي اهو ممنوع آهي.[5] (4) اسبال (ڪپڙو لٽڪائڻ) مثلاً قميص جو دامن يا ازار

---

1 تفسير نعيمی ،پاره:8،سورۂ اعراف ،تحت الآيت :26،جلد:8،صفحہ:405و 408 ملتقيطًا۔

2 سنن ترمذی،كتاب الادب،باب ماجاء فی لبس البياض ،صفحہ:656، حديث:2810۔

3 بہارِشريعت ،جلد:3،صفحہ:409۔

4 بہارِشريعت ،جلد:3،صفحہ:409۔

5 بہارِشريعت ،جلد:3،صفحہ:409۔

(مثلاً: تهبند، شلوار، پاجامي يا پينٽ وغيره) جا پائينچا پيڏين کان هيٺ لٽڪائڻ، عمامي جو شملو ايترو ڊگهو رکڻ جو ويهڻ ۾ دٻجي، ۞ آستين (يعني قميص وغيره جون ٻانهون) آڱرين کان هيٺ لٽڪائڻ وغيره اهي سڀ ممنوع آهن،[1] جيڪڏهن تڪبر جي نيت سان هجي ته حرام آهي.[2]

## سُنت جي مطابق لباس پائڻ جا ڪجھ فائدا

۞ سنت مطابق لباس پائڻ ستر کي مڪمل طور تي ڍڪي ٿو. ۞ سنت جي مطابق لباس پائڻ ۾ سادگي آهي. ۞ حديث پاڪ ۾ آهي: سادگي ايمان مان آهي. ۞ هڪ حديث پاڪ جي مطابق: جيڪو طاقت هجڻ جي باوجود سادو لباس پائي، الله پاڪ کيس عزت ۽ ڪرامت جو پوشاڪ پارائيندو. ۞ سنت مطابق لباس پائڻ سان نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت جو اظهار ٿئي ٿو. ۞ سنت مطابق لباس پائڻ سان ٻانهو ڪيترن ئي گناهن کان محفوظ رهي ٿو، مثال طور اسبال (پيڏين کان هيٺ ڪپڙو لٽڪائڻ)، بي پردگي ۽ غير شرعي وضع قطع وغيره. ۞ سنت مطابق لباس پائڻ سان اسلامي سڃاڻپ نمايان ٿيندي آهي.

## سُنت جي مطابق لباس پائڻ جي عادت بنائڻ جا ڪجھ طريقا

۞ فيشن پرستي ڇڏيو ۽ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين سنتن سان رشتو جوڙيو ۞ دل ۾ عشقِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڌايو ۞ صحابہ ڪرام ۽ بزرگانِ دين جي سيرت جو مطالعو ڪريو، خاص طور تي انهن جا سنت تي عمل ڪرڻ وارا واقعا پڙهو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 25 جي مطابق سنت جي مطابق لباس پائڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي، نيت ڪريو! ته آئنده سنت مطابق لباس پائينداسين. اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

1 بہار شریعت، جلد: 1،صفحہ:632 ۔
2 فتاوی رضویہ ،جلد:22،صفحہ:164۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## نئون لباس پائڻ وقت جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ كَسَانِیْ مَآ اُوَارِیْ بِهٖ عَوْرَتِیْ وَاَتَجَمَّلُ بِهٖ فِیْ حَيَاتِیْ

**ترجمو:** الله پاڪ جو شڪر آهي جنهن مون کي اهو ڪپڙو پارايو جنهن سان مان پنهنجو ستر لڪايان ٿو ۽ زندگي ۾ ان سان زينت حاصل ڪريان ٿو.[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينه جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟

---

[1] مستدرڪ، جلد:2،صفحه:230،حديث: 2016۔

(17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر جي لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟(26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰة اللّيل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجهہ نہ ڪجهہ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچيؤ؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51):

تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(52):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(53):** فضول ڳالهين کان بچيا؟ **(54):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(55):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشاري سان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو **12** پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علائقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟